هفتيوار رسالو

شيخ طريقت امير اهلِ سُنّت حضرتِ علامه مولانا ابو بلال
محمد اِلياس عطّار قادري رَضَوي دامت برکاتہم العالیہ
جي قلم مان نڪتل رمضان المبارڪ 2024 جون پرڪيف يادون

مرحبا صد مرحبا پھر آگیا رمضان ہے
کھِل اُٹھے مرجھائے دل تازہ ہوا ایمان ہے

(قسط:3)

# رمضان جون يادگيريون

(سنڌي)

یادِ عشرۂ رحمت
یادِ عشرۂ مغفرت

جہنّم سے آزادی کا عشرہ

آہ! اب رمضان اب جا رہا ہے
ہائے تڑپا کے رمضان چلا ہے

ترجمو:
TRANSLATION
DEPARTMENT
(DAWAT-E-ISLAMI)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَالله جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَا الْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج 1 ص40 دار الفكربيروت)

طالب غ
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: **رمضان جي يادگيري قسط** : 3

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گھٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بـانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ

## مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

جي قلم مان نڪتل رمضان المبارڪ 2024 جون يادون

# رمضان جي يادگيري قسط: 3

**ترجمو**

ترانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ترانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ترانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ط
بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ط اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم ط

# رمضان جي يادگيري قسط:3

**عطار جي دُعا:** ياالله پاڪ! جيڪو بہ هي رسالو "رمضان جي يادگيري (قسط: 3)" پڙهي يا ٻڌي وٺي اُن کي رمضان ۾ مدينو ڏيکار ۽ ان کي والدين ۽ خاندان سميت بي حساب جنت الفردوس ۾ داخلا عطا فرماءِ.

اٰمين بِجاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## پهريان هن کي پڙهو

اميرِ اهلِ سنت دعوتِ اسلامي جي باني حضرتِ علّامہ مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه گذريل ٻن سالن وانگر هن سال بہ پنهنجي مصروفيتن مان ڪجهہ وقت ڪڍي، رمضان المبارڪ جي برڪتن ۽ ”نيڪي جي دعوت“ کي سامهون رکندي، روزانو هڪ مدني گل لکيو ۽ اهو راقم (ابو محمد طاهر عطاري مدني) کي عطا فرمايو.

انهن ڏينهن ۾ دعوتِ اسلامي جي مجلس Social Media جي ذريعي اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جون اهي تحريرون عام ٿي رهيون هيون. هاڻي انهن تحريرن کي گڏ ڪري، مجلس المدينة العلميہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر) جي شعبہ "هفتيوار رسالو" طرفان رسالي جي صورت ۾ جاري ڪيو ويو آهي، جنهن جو نالو "**رمضان جي ياد، قسط نمبر:** 3" رکيو ويو آهي. الله پاڪ جي فضل سان، ”**رمضان جي**

ياد، قسط نمبر: 1 ۽ 2“ وانگر هن قسط ۾ به مضمون جي مناسبت سان ڊزائننگ ڪئي وئي آهي، جيئن هر صفحو هڪ طرح سان ”ڳالهائيندڙ سبق“ به آهي.

الله پاڪ اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو صحت ۽ عافيت وارو سايو اسان تي هميشه قائم رکي ۽ سندن صدقي اسان جي بي حساب بخشش فرمائي.

الله پاڪ! هن ڪتاب تي ڪم ڪندڙن کي بار بار حج ۽ مديني جي زيارت نصيب فرمائي ۽ ان کي انهن لاءِ نجات جو ذريعو بڻائي.

اٰمين بِجاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مديني ۽ بقيع جي غم ۽ بي حساب بخشش جو طلبگار ابو محمد طاهر عطاري مدني

**(1)**

جنهن دسترخوان تي سبزي هجي، ان تي فرشتا ايندا آهن، تنهنڪري دسترخوان تي سبزي رکڻ مستحب آهي. (احياء العلوم، 2 /22)

**(2)**

رحمتِ عالَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: اَلسَّعِيْدُ مَنْ وُعِظَ بِغَيْرِهٖ،

(يعني: خوش نصيب اهو آهي جيڪو ٻين کان نصيحت حاصل ڪري.)

(ابن ماجه، 35/1، حديث: 46)

**(3)**

## سَسُ سان سٺو سلوڪ

خاتونِ جنت حضرت بيبي فاطمه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا پنهنجي سَسُ سڳوري (نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صحابڻ حضرت فاطمه بنتِ اسد) جي خدمت ڪندي هئي.

حضرت مولىٰ علي رَضِیَ اللہُ عَنْہُ پنهنجي والده کي فرمايو: "حضرت بيبي فاطمہ (رَضِیَ اللہُ عَنْہَا) اوهان جي ايتري خدمت ڪندي جو اوهان کي گهر جي ڪمن ڪان بي پرواه ڪري ڇڏيندي." (الاصابة، 269/8 ملخصاً)

(4)

رمضان المبارڪ 1445ھ جي چوٿين رات جي مدني مذاڪري (مدني چينل Live) ۾ حلال ۽ حرام پکين جي باري ۾ سوال جواب ٿيا، جنهن ۾ بهارِ شريعت جي حوالي سان هي اهم اصول بيان ٿيو:

چنبن وارو پکي جيڪو چنبن سان شڪار ڪري، اهو حرام آهي(جيئن: سرڻ، باز وغيره). (بہار شریعت، 324/3، حصہ: 15)

(5)

## جنّت ۾ ڪلندي داخلا

صحابيِ نبي حضرت سيدنا ابو دردا رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: "جيڪو جنّت ۾ کِلندي داخل ٿيڻ چاهيندو هجي، ان کي گهرجي تہ هميشہ پنهنجي زبان الله پاڪ جي ذڪر سان آلي رکي."

(الکواکب الدریة، 117/1)

(6)

## عبادت ۾ سستي جو سبب

حضرت مولىٰ علي رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمائن ٿا:

”گناهن جي نحوست سبب عبادت ۾ سستي ۽ رزق ۾ تنگي ايندي.“ (الکواکب الدریة، 106/1)

(7)

## نعمتن جي حفاظت ڪيو

”الله پاڪ جون نافرمانيون اڪثر ڪري نعمتون ختم ٿيڻ جو سبب بڻجنديون آهن .“ (فتح الباري، 257/12)

(8)

## اللّٰه جي ناراضگي جي نشاني

حضرت عبد الله علوي شافعي رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: ”الله پاڪ جي نظرِ رحمت کان محرومي ۽ سندس ناراضگي جي نشاني اها آهي ته ماڻهو گناهن ۾ مبتلا ٿي وڃي.“

(رسالۃُ المذاکرۃ معَ الاِخوانِ المحبِّين مِن اَهلِ الخَيرِ والدِّين، ص 23)

(9)

## رستي جا حق

رمضان شريف جي نائين رات مدني مذاڪري ۾ هي به چيو ويو ته هڪ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۾ هي به آهي: (رستي جا حق آهن:) نظرون جهڪائڻ، تڪليف ڏيندڙ شيءِ کي هٽائڻ، سلام جو جواب ڏيڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ. (بخاري، 165/4، حديث: 6229 ملتقطاً)

(10)

## مهانگائي جو علاج

رمضان المبارڪ جي ڏهين رات مدني مذاڪري ۾ هيءَ پياري روايت بيان ڪئي وئي: مڪي شريف ۾ هڪ پيرو ڪشمش جا اگهه وڌي

ويا. حضرت مولیٰ علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي بارگاھ ۾ شڪايت ڪئي وئي تہ پاڻ فرمايائون: ”توهان ڪشمش جي بدلي ڪتل استعمال ڪيو (تہ ڪشمش جي گھرج گھٽ ٿيڻ سبب) ان جي قيمت پاڻھي گھٽجي ويندي.“ (تاريخ ابن معين، ص168)

## (11)

11 رمضان المبارڪ جي تحرير نہ آھي
رمضان شريف جو پيو جمعو مبارڪ ھجي

## (12)

## جنّت جو وچون دروازو

12 رمضان شريف 1445ھ جي مدني مذاڪري ۾(رات) ھي حديث پاڪ بيان ٿي:

فرمانِ مصطفیٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم:

”والد جنّت جو وچون دروازو آھي، تنھنجي مرضي آھي تہ ان جي حفاظت ڪر يا ان کي ضايع ڪر.“ (ترمذي، 359/3، حديث: 1906)

## (13)

## رَمَضان نالي جي حڪمت

خادمُ النّبي حضرت انس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: ”رَمَضان جو نالو رَمَضان ان لاءِ رکيو ويو آھي جو رَمَضان گناھن کي ڳاري ۽ ساڙي ڇڏيندو آھي.“(فيض القدير، 32/3)

## (14)

## روزا ڏينھن ۾ رکڻ جي حڪمت

حضرت ابو بڪر بن عياش رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَیْہِ فرمائن ٿا:

”جيڪڏهن ڪنهن جو هڪ درهم ڪٿي ڪري پوي ته اهو سڄو ڏينهن افسوس ڪندو ۽ چوندو رهندو ته منهنجو درهم وڃائجي ويو، پر جيڪڏهن سڄو ڏينهن غفلت ۾ گذري وڃي، ته اهو ڪڏهن به نه چوندو ته افسوس! منهنجو سڄو ڏينهن ضايع ٿي ويو ۽ مون ان ۾ ڪو به نيڪ عمل نه ڪيو.“ (حفظُ العمر لابن جوزي، ص36 بتغير)

## (15)

## آبِ ڪوثر جا 70 جام

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم:

”جنهن پنهنجي ٻار (يا نياٽي) کي ننڍپڻ ۾ پاڻي پياريو، الله پاڪ قيامت جي ڏينهن ان کي آبِ ڪوثَر جا 70 جام پياريندو.“

(جمعُ الجوامع، 176/7، حديث: 22110)

## (16)

## عبادت ۾ لذت ماڻڻ جو نسخو

”جيڪو شخص فالتو ۽ فضول شين ڏانهن نهاري ئي نه، ته اهو عبادت جي لذت ۽ مناجات جي مناڻ حاصل ڪندو ۽ ان جي دل ۾ اهڙي صفائي ملندي جيڪا ان کان پهريان ڪڏهن به نه ملي.“

(مختصر منهاج العابدين، ص63)

## (17)

## مسجد ۾ دنيا جون ڳالهيون

هڪ روايت آهي: جيڪي ماڻهو غيبت ڪندا آهن ۽ مسجد ۾ دنيا جون ڳالهيون ڪندا آهن، انهن جي وات مان اهڙي گندي بدبو

نڪرندي آهي جنهن سان ملائڪ الله تعالىٰ وٽ انهن جي شڪايت ڪندا آهن- (فتاوىٰ رضويه، 312/16)

## (18)

## اچا ڪپڙا

مسجد ۾ اچا ڪپڙا پائي اچڻ مستحب آهي. (لمعات التنقيح، 198/1)

## (19)

## وڏي عمر ۾ علم حاصل ڪرڻ جي فضيلت

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”جيڪو ننڍپڻ ۾ علم حاصل نه ڪري سگهيو پر وڏي عمر ۾ ان کي حاصل ڪرڻ ۾ لڳي ويو ته جڏهن اهو فوت ٿيندو ته ان کي شهيد جو مرتبو ملندو.“

(ڪنزُ العمّال، حصه: 10، 70/5، رقم: 28839)

## (20)

## عيد جون خوشيون ۽ غريب

جيڪڏهن ممڪن هجي ته پنهنجي مسجد جي امام، مؤذن، خادم، غريب مائٽن ۽ پاڙيسرين خاص طور تي ضرورتمند سيدن سڳورن لاءِ اهڙي مالي مدد جو بندوبست ڪيو جو اهي ۽ انهن جا ٻار به عيد جون خوشيون ملهائي سگهن.

## (21)

## عمامي جي فضيلت

آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان: ”عمامو ٻڌي ٻه رڪعتون پڙهڻ، بنا عمامي جي 70 رڪعتن کان وڌيڪ افضل آهي.“

(اَلْفِردَوْسُ بِمَأْثُوْرِ الْخِطَابِ، 410/1، حديث: 3054)

## (22)

## گندو پيٽرول

گندو پيٽرول گاڏي جي انجڻ کي خراب ڪندو آهي، گندي ۽ حرام خوراڪ انسان جي جسماني ۽ روحاني "مشينري" کي بگاڙي ڇڏيندي آهي ۽ دل ۽ دماغ، خيال ۽ نيت سڀ خراب ٿي ويندا آهن.

(مرأة المناجيح، 137/7 ملخصاً، 391/5 ملخصاً)

## (23)

## جنت ۾ گھر

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”جيڪو صف جي خالي جڳھ (Gap) کي پريندو، الله پاڪ ان جو هڪ درجو بلند ڪندو ۽ ان لاءِ جنت ۾ هڪ گھر ٺاهيندو.“ (معجم اوسط، 225/4، حديث: 5797)

## (24)

رمضان شريف جي مدني مذاڪري ۾ توريت شريف جي حوالي سان هيءَ روايت بيان ٿي:

”اي موسىٰ! چهري تي هميشه مسڪراهٽ سجائي رکندو ڪر ۽ نرم رويو اختيار ڪر، ماڻهو توکي سون ۽ چاندي ورهائيندڙ شخص کان وڌيڪ محبت ڪرڻ لڳندا.“ (الذخائر والاعلاق، ص343، دار صادر بيروت)

## (25)

## افطاري ۽ عيد جو تحفو

امام اعظم ابو حنيفه رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْهِ جي استاد، تابعي بزرگ حضرت سيدنا حماد رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْهِ رمضان شريف ۾ 500 ماڻهن کي افطاري

ڪرائيندا هئا ۽ عيد جي ڏينهن هر هڪ کي 100، 100 درهم عطا فرمائيندا هئا. (سير اعلام النبلاء، 63/6)

## (26)

## روزيءَ جو انتظام ٿي ويندو

آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان:

”جيڪو علم دين حاصل ڪندو، اللّٰه پاڪ ان جون مشڪلون آسان فرمائيندو ۽ ان کي اتان روزي ڏيندو جتان ان جو گمان به نه هوندو.“(جامع بيان العلم و فضله، ص66، حديث: 198)

## (27)

## لَيْلَةُ القدر مان حصو

26 رمضان شريف عصر جي نماز کان پوءِ مدني مذاڪري ۾ بيان ڪيو ويو:

”حديث پاڪ ۾ آهي: جنهن عشاء جي نماز جماعت سان پڙهي، تحقيق ان **ليلة القدر** مان پنهنجو حصو حاصل ڪري ورتو.“

(معجم ڪبير، 179/8، حديث: 7745)

## (28)

## صبر جنت ۾ وٺي ويندو

حضرت سفيان بن عُيَينه رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْهِ فرمائن ٿا: ”بانهن کي صبر کان وڌيڪ ڪا نعمت عطا نه ڪئي وئي آهي، انهيءَ جي ڪري ئي اهي جنت ۾ داخل ٿيندا.“ (موسوعة لامام ابن ابي الدنيا، 32/4، رقم: 60)

## (29)

## معاف ڪرڻ جو ثواب

29 رمضان 1445 جي فجر کان پوءِ ھيءَ روايت بيان ڪئي وئي:

آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان:

”حضرت موسىٰ عَلَيْهِ السَّلَام عرض ڪيو: اي منهنجا پروردگار! تنهنجي ٻانھن مان سڀ کان وڌيڪ عزت وارو ڪير آھي؟ الله پاڪ ارشاد فرمايو: اھو ٻانھو جيڪو بدلو وٺڻ جي قابل ھجڻ جي باوجود معاف ڪري ڇڏي.“ (شعبُ الايمان، 319/6، حديث: 8327)

## (30)


## عيد مبارڪ

اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ”عيد ڪا دُنياوي تقريب (يعني Event) نہ پر الله جو حڪم آھي، جڏھن اھا شريعت مطابق نہ ھجي، تہ اھا رڳو بيڪار نہ پر گناھ آھي.“

(فتاوىٰ رضويہ، 445/10)

حضرت عبد الله علوي شافعي رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: الله پاڪ جي رحمت واري نظر کان محرومي ۽ سندس ناراضگيءَ جي نشاني اھا آھي تہ ٻانھو گناھن ۾ مبتلا ٿي وڃي.

## ايندڙ هفتي جو رسالو




فیضانِ مدینہ، محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی
UAN +92 21 111 25 26 92   0313-1139278
www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net